سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# کنن کي گناهن
# کان بچائڻ

13 نومبر 2025ع



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ
**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **72 نيڪ اعمال** مان هڪ نيڪ عمل **ڪنن کي گناهن کان بچائڻ جي متعلق** معلومات ڏني ويندي ۽ **غيبت کان بچڻ جي دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي الله پاڪ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ قيراط اُحد جبل جيترو آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنن کي گناهن کان بچائڻ

نيڪ عمل نمبر 10: ڇا اَڄ توهان ڪنن کي گناهن يعني غيبت چغلي، ڳائڻ وڄائڻ، بُرين ۽ گندين ڳالهين، موبائل جي ميوزيڪل ٽيون، ڪارٽون وغيره وغيره ٻڌڻ کان بچيا؟.

## ڪنن کي گناهن کان بچائڻ جو مطلب

جنهن شين جو ٻڌڻ گناهه آهي، انهن کي نه ٻڌڻ ڪنن کي گناهن کان بچائڻ آهي. جهڙوڪ: غيبت، چغلي، ڳانا باجا، براين ۽ گنديون ڳالهيون، موبائل جي

1…مصنف عبد الرزاق، كتاب الطهارة، باب ما يذهب الوضوء من الخطايا،جلد: 1،صفحه:40،حديث:153۔

ميوزيڪل ٽيون، ڪالرٽيون وغيره وغيره.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓىٕكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

(سيپارو: 15، بني اسرائيل: 36)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ ڪن ۽ اک ۽ دل سان انهن سڀني جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

معلوم ٿيو ته ڪن، اک ۽ دل انهن سڀني بابت قيامت جي ڏينهن حساب ورتو ويندو. مثال طور: ڪن ڪي قرآن ۽ حديث، علم ۽ حڪمت، وعظ ۽ نصيحت وغيره نيڪ ڳالهيون ٻڌڻ ۾ استعمال ڪيو ويو يا غيبت ٻڌڻ، لغو ۽ بيڪار ڳالهيون ٻڌڻ، گانا، باجا ۽ فحش ٻڌڻ ۾ لڳايو ويو؟ (1)

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون هڪ خواب ڏٺو ۽ اِها حقيقت آهي، مون کي هڪ جبل تي وٺي ويا، اُتي مون ڪجهه اهڙا ماڻهو ڏٺا جن جون اکيون ۽ ڪن ڪلين سان نوڪيل هئا، ٻڌايو ويو ته: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي اهو ڏسندا آهن جيڪو کين نه ڏسڻ گهرجي ۽ هي اهو ٻڌندا آهن جيڪو کين نه ٻڌڻ گهرجي.(يعني ناجائز ڏسندا ۽ ٻڌندا آهن).[2]

## ناجائز ٻڌڻ جي مُتعلق احڪام

(1): گناهن ڀريون ڳالهيون ٻڌڻ گناهه آهي. نوٽ: جتي گانا، غيبت، چغلي ۽ فحش گوئي جهڙا گناهه ٿي رهيا هجن، جيڪڏهن منع ڪري سگهو ته منع ڪريو! ٻي صورت ۾ اتان اٿي وڃو! جيڪڏهن اُٿي به نه سگهو ته ان کي دل ۾ خراب ڄاڻو!

1... تفسيرصراط الجنان ،پاره:15 ،سورۂ بنی اسرائيل ،تحت الآيت :36،جلد:5،صفحہ:463،بتغير قليل ۔
2 معجم كبير ،جلد:4،صفحہ:285،حديث 7564 ،ملخصاً

(2): ڪفريہ اشعار وارا ڳانا ٻڌڻ انتهائي حرام بلڪ ڪفر طرف وٺي وڃڻ وارو آهي. ڪفريہ اشعار کي پسند ڪرڻ، ان تي راضي ٿيڻ ڪفر آهي[1] (3): بغير ارادي جي ڳانن جو آواز اچي تہ لازم آهي تہ ان طرف توجهہ نہ ڪري، ممڪن هجي تہ اتان هٽي وڃي[2] (4):سالگرہ، شادي وغيره جون اهڙيون دعوتون جن بابت معلوم هجي تہ اتي گناهن سان ڀريور معمولات هوندا ۽ اهي منع ڪرڻ سان بہ باز نہ ايندا تہ اهڙين دعوتن ۾ شرڪت ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي، مجبوراً اهڙي دعوت ۾ شرڪت ڪرڻي پئجي وڃي تہ گناهہ واري جاءِ کان پري ويهي رهو.[3]

## ناجائز ٻڌڻ جون وعيدون ۽ نقصان

۞ ناجائز ٻڌڻ دل کي ڪارو ڪري ٿو ۽ دوزخ جو حقدار بڻائي ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ شرم ۽ حيا ۾ گهٽتائي آڻي ٿو، خراب خيال پيدا ڪري ٿو ۽ گناهن جي رغبت وڌائي ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ دل ۾ نفاق پيدا ڪري ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ ڊپريشن جو مرض پيدا ڪري ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ عقل گهٽائي ڇڏي ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ دل ۾ بدگمانيون پيدا ڪري ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ نفرت پيدا ڪري ٿو ۽ وڙهن جهيڙن جو سبب بڻجي ٿو ۞ ناجائز ٻڌڻ گهرن جو سڪون برباد ڪري ٿو ۞ ڳانا ٻڌڻ جو سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي تہ ڳانن ۾ ڪفريا لفظ بہ هوندا آهن. اهڙا شعر ٻڌي، پسند ڪرڻ ۽ انهن تي راضي ٿيڻ سان انسان اسلام جي دائري مان خارج ٿي وڃي ٿو.

## ناجائز ٻڌڻ کان بچڻ جي لاءِ

۞ ڳائڻ وڄائڻ جي شوقينن ۽ آوارا ماڻهن جي صحبت کان پري رهو! اللّٰہ

[1] فتاوی شارح بخاری ،جلد:1،صفحہ:258،بتغير قليل ۔
[2] الحديقۃ النديہ ،جلد:4،صفحہ:393۔
[3] فتاوی رضويہ ،جلد:21،صفحہ:609 -611،ملخصًا۔

ڪان ٻچڻ وارن اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! گناهن کان بچاءُ ۽ نيڪين جو شـــوق نصـــيب ٿيندو. ۞ ڪنن کي گناهن ۾ مشغول ڪرڻ جي نقصانن تي غور ڪندا رهو. ۞سوشل ميڊيا، فيس بوڪ، ٽڪ ٽاڪ، انسٽاگرام وغيره تي اسلامي ڳالهيون مثلاً بيان، نعت يا ٻيون ديني وڊيوز ڏســڻ، ٻڌڻ دوران جيڪڏهن گناهن ســان ڀريل ايڊ اچي وئي ته آواز بند ڪري ڇڏيو ۽ موبائيل تان نظرون هٽائي ايتري دير درود شــريف پڙهو. ۞انهن ماڻهن جا اســٽيٽس نه ڏســو جيڪي پنهنجي اســٽيٽس تي گانا باجا يا ميوزڪ وغيره لڳائيندا آهن. ۞ ڪنهن کي ڪال ڪئي، ان تي ميوزيڪل ٽون ( Musical tunes) لڳل آهي ته موبائيل ڪن کان هٽائي ڇڏيو. ۞ اڄڪلهه اڪثر ڪري بس وغيره ۾ گانا وڄي رهيا هوندا آهن، ڀرپاسي وارن کي حڪمت عمليءَ سان منع ڪريو! جيڪڏهن نه روڪين ته هينڊ فري وغيره جي ذريعي موبائيل ۾ تلاوت ۽ نعت ٻڌو! جيڪڏهن اهو به نه ٿي سگهي ته ان طرف بلڪل توجهه نه ڏيو ۽ دل ۾ برو سمجهو.

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### غيبت کان بچڻ جي دعا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته: مجلس ۾ ويهندي ۽ اٿندي هي پڙهي وٺو ..! ان جي برڪت سان الله پاڪ هڪ فرشتو مقرر فرمائيندو جيڪو اوهان کي ٻين جي ۽ ٻين کي اوهان جي غيبت کان روڪيندو. [1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو(72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

[1] القول البديع ،صفحه:138-

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَةُ الۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الكرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوۡرَةُ الۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنزالايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظرِي کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مکتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليه سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةُ اللّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليه پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ڀين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي

وغيرهہ) اســــتعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عـاجزي جا اهڙا لفظ تـہ نـہ ڳـالهـايا جن جي تـائيـد دل نـہ ڪنـدي هجي؟ **(43):** صـفائي ۽ سـليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسـلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾ شـــرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مســـئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضـــول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شـــريف ٻَڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشـــد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشـــاري ســـان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اســـلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شـــرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت

يا غمخواري ۾ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رســـــالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسـلامي ڀائر هاٽي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟